SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 2012

SINDH ACT NO.III OF 2012

سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (پي ترميم) ايڪٽ، 2011

THE SINDH PUBLICH PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (SECOND AMENDMENT) ACT, 2011

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of Act No.XVIII of 2010

3. 2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 23 جي ترميم
Amendment of Section 23 of Act No.XVIII of 2010

4. 2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of Section 26 of Act No.XVIII of 2010

5. منسوخي
Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 2012
SINDH ACT NO.III OF 2012

سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2011
THE SINDH PUBLICH PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (SECOND AMENDMENT) ACT, 2011

[6 فيبروري 2012]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي،

جيڪا هن ريت هوندي.

ان کي هن ريت جوڙڻي عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of Act No.XVIII of 2010

2. سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ۾ ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو ان جي دفعہ 12 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"12.(1) ٽربيونلس جي جوڙجڪ ۽ پرزائيڊنگ آفيسرز جي مقرري: حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هر ضلعي لاءِ هڪ ٽربيونل قائم ڪري سگهي

ٿي.

(2)ٽربيونل هڪ پرزائيڊنگ آفيسر تي مشتمل هوندي، اهو شخص جيڪو:

(i) ڊسٽرڪٽ جج يا ايڈيشنل ڊسٽرڪٽ جج آهي يا رهيو آهي؛ يا

(ii) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ايڈووڪيٽ رهيو هجي، جنهن جو عرصو ڏهه سال کان گهٽ نه هجي.

(3)حڪومت هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان مشوري بعد ٽربيونل جو پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪري سگهي ٿي.

(4) پرزائيڊنگ آفيسر ايائي سال جي مدي لاءِ عهدو رکندو پر اهڙي وڌيڪ مدي يا ان مدي جي حصي لاءِ ٻيهر مقرر ٿي سگهي ٿو جيئن حڪومت ٺهڪي ڪري.

(5)پرزائيڊنگ آفيسر هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مشوري سان جنهن مدي لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي، اهو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ هٽائي سگهجي ٿو.

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 23 جي ذيلي دفعه (4) کي ختم ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ ذيلي دفعه (5) کي ذيلي دفعه (4) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو.

2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعه 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Act No.XVIII of 2010

4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 26 ۾، هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعه 26 جي ترميم

"26. (1) خصوصي عدالتن جي پرزائيڊنگ آفيسرن

Amendment of Section 26 of Act No.XVIII of 2010

جي جوڙجڪ ۾ مقرري: اسپيشل ڪورٽ هڪ پرزائيڈنگ آفيسر تي مشتمل هوندي، جيڪو شخص:

(i) سيشن جج يا ايڈيشنل سيشن جج آهي يا رهيو آهي؛ يا

(ii) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ايڈووڪيٽ رهيو هجي، جنهن جو عرصو ڏهه سال ڪان گهٽ نه هجي.

(2)حڪومت هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان مشوري بعد خصوصي عدالت لاءِ جج مقرر ڪري سگهي ٿي.

(3) جج اپائي سالن جي مدي لاءِ عهدو رکندو پر اهڙي وڌيڪ مدي يا ان مدي جي حصي لاءِ ٻيهر مقرر ٿي سگهي ٿو جيئن حڪومت طئي ڪري.

(4)جج هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مشوري سان جنهن مدي لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي، اهو مدو پورو ٿيڻ ڪان اڳ هٽائي سگهجي ٿو.

(5)دفعه 25 تحت جوڙيل خصوصي عدالت ڪانسواءِ ڪنهن عدالت کي هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهه تي دائره اختيار حاصل نه هوندو سواءِ ان جي ته ڊائريڪٽر جنرل يا ڊائريڪٽر طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار ٻڌايل شخص طرفان لکت ۾ درخواست ڪئي وڃي."

منسوخي Repeal

5. سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2011 کي منسوخ ڪيو ويو ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.